گُلابي گُلڙا

سال : ٽيون (٢٠٠٦)

پُشپ ١٢



- پرڪاشڪ -

ڪشور سنڌي ٻولي وڪاس ڪيندر

٥٠٩، مِلن پئلس، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٢

گلابي گلڙا

سال ٽيون - ٢٠٠٦ | پشپ ١٢

سمپادڪ : ڪشور پهوجا ”جيون“

سهيوگي :

شري آنند ايس. آهوجا
(ڪار)
شري ڪرشن چيتانند هيمراجاڻي
(گوريگانو)
شري سريچند ڏُبي ”جگري“
(جهوناڳڙهہ)
شري ڀڳوان ”نردوش“
(اَحمدآباد)
شري ٽارو گرناڻي
(اَحمدآباد)
ڀائو هيمن نانواڻي
(ڪنڊلا)
شري امير سنگهہ بيدي
(اَجمير)

(سنڌونگر)
شري راجو جمڙاڻي
شري دؤلت رام تيجواڻي
شري لالچند پرسواڻي
شري نارائڻ سچانندداڻي
شري جواهرلال دوداڻي
شري گوپ روپچنداڻي
ڊاڪٽر ٽي. سي. ٽارواڻي
ڪماري پي. اين. موٽواڻي
آسودومل موهناڻي
موهن داس رامرڪياڻي
رميش آهوجا
اَرجن داس چيتاڻي

ڪاريالیہ : ڪشور سنڌي ٻولي وڪاس ڪيندر
٥٠٩، مِلن پيلس، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٢.

پَڌِرائي

- ڪيندر جو ٽيون سال، گلابي گلڙا جي هن ١٢ پشپ سان پورو ٿي رهيو آهي.
- چوٿون سال آپريل-ميءِ کان شروع ٿيندو.
- اِن لاءِ گلڙا ٢٠٠٧ جو ١٣ پشپ، ”خاص ڪهاڻي-اِنعامي چٽاڀيٽي“ لاءِ رکيو ويو آهي.
- ان موقعي تي چيٽي-چنڊ، سنڌيت ڏينهن ۽ سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن گڏي ملهائڻ جو پڻ اِرادو آهي، جنهن لاءِ هيٺين ريت پروگرام رکبو :

(اَلف) ”ڪهاڻي چٽاڀيٽي“ ۾ پهرين ٽن ڪهاڻين جي ليکڪن/ليکڪائن کي اِنعام ڏبا.

(ب) ”سنڌي گيتن“ ڳائڻ جو شاگردن کي وَجهہ ڏبو ۽ کين پڻ اِنعام ڏبا.

(ٻ) درجي ٩ ۽ ١٠ وارن شاگردن مان جن شاگردن، سنڌي وشيہ ۾ پهريون نمبر کنيون هوندو تِن کي پڻ اِنعام ڏنا ويندا.

- سنڌي گيتن ڳائڻ جو وجهہ صرف سنڌونگر جي شاگردن کي ڏنو ويندو.

اِسڪولن جي بانيڪارن کي عرض آهي تہ اَهڙي پروگرام ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ شاگردن کي اُتساهت ڪن ۽ ڪيندر کي ڪهاڻيون جلد موڪلين. گيت ڳائڻ وارن ۽ سنڌي وشيہ ۾ پهريون نمبر کٽيندڙ شاگردن جا نالا فيبروري ٢٠٠٧ جي اَندر ڪيندر کي موڪلين.

شيوا ۾ :

ڪشور پهوجا ”جيون“

سنچالڪ : ڪشور سنڌي ٻولي وڪاس ڪيندر

٥٠٩، مِلن پئليس، روحاني ستسنگ سامهون، ڪيماڻي، سنڌونگر-٢.

فون : ٢٧٠٤١٣٢

गुलाबी गुलड़ा

वर्ष : ३ (२००६) पुष्प : १२

सम्पादक :

किशोर पहूजा "जीवन"

४७, सुलभ हाऊसिंग सोसायटी,

वड़वली विभाग, अम्बरनाथ (पूर्व) - ४२१ ५०१.

प्रकाशक :

किशोर सिंधी ब्रोली विकास केन्द्र

कार्यालय : ५०९, मिलन पॅलेस,

सिंधूनगर - ४२१ ००२.

मूल्य : १० रु. वार्षिक : ४० रु.

(विद्यार्थीयों के लिए ५ रुपये)

मुद्रक :

भारती ऑफसेट प्रिंटर्स, प्रेस बाज़ार,

सिंधूनगर - ४२१ ००३.

डी.टी.पी. :


इंडिया ग्रॉफिक्स, संतोष बॅग हाऊस के बाजु में,

स्टेशन रोड, उल्हासनगर-४२१ ००३.

ڪهاڻي



لالچ بُري بَلا



اَنجلي شياملال پُنشي (درجو ڏهون)
(جهوليلعل ٽرسٽ اِسڪول، سنڌونگر - ٢)

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ ڪسان رهندو هو. هو کيتيءَ ۾ وڃي اَناج پئدا ڪرڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪندو هو؛ جيئن سندس غريبي حالت سُڌري. هڪ ڏينهن جيئن ئي پنهنجي کيت ڪان، گهر ڏانهن اَچي رهيو هو تہ ڪيس هڪ نانگ ڏسڻ ۾ آيو؛ جو هڪ وڻ جي پرسان ڪُنڊلي ماري وينو هو. نانگ کي ڏسي ڪسان دل ۾ سوچيو : ”پڪ ئي اِتي ڪو خزانو پوريل هوندو؛ جنهن جي رکوالي اِهو نانگ ڪري رهيو آهي.“ ڪسان هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي : ”هي نانگ ديوتا، منهنجي خالي جهولي ڀر ۽ غريبي دور ڪر.“ پر نانگ اُتيئي وينو رهيو. صرف ڏانهس نهاريندو رهيو. ڪسان کي ڏنگڻ جي بہ ڪوشش ڪونہ ڪئي تہ ڪسان سوچيو : ”نانگن کي کير پيئاربو آهي تہ هو ڏاڍو خوش ٿيندا آهن.“ سو تڪڙو-تڪڙو گهر ويو ۽ هڪ ڪٽوريءَ ۾ کير کڻي واپس آيو تہ نانگ اَجا بہ اُتيئي وينل هو. ڪسان کير واري ڪٽوري نانگ جي اَڳيان رکي تہ نانگ کير پي

<u>گيت</u>

پرجاتنتر ڏينهن

ڪشو پهوجا ”جيون“

پرجاتنتر ڏينهن مَهتو-پوُرڻ آهي،
هاڻي ڀارت ديسُ ڪنهنجو غلام ناهي.

محنت مشقت ساڻُ، تَرقيِ ٿيندي اَوسِ،
قدم سان قدم مِلاءِ، تتيِ-ٿَڌيِ تون ڪاهه.

خوشحاليءَ جي راهَ، ڳولڻ جي ڪَرِ ڪوجَ،
هِمتَ ڪڏهن نه هارِ، آسَ ڪڏهن نه لاهي!

ديس مٿان قربانُ، ٿي وِيا ڪيئيِ ڀڳت،
سَپنو ڪَرِ ساڪار، ڊاهي نَه، ديس کي ٿاهي.

ديس ٿِئي خوشحال، تپ تپ تي تون سوچ،
ڀارتواسيِ ڪوبهِ، بُک کان ٿئي نه پاهَ.


فقط نه پنهنجي لاءِ، ڪَرِ نَ ڪنو تون مالُ،
ڏُکين جو رک خيال، جيسين تَنَ ۾ ساهُ!

سَهِٽا ته پوندا ڪشٽ، آزادُ رهڻ لاءِ،
”جيون“ رک تون آسَ، مِلنديءِ روشن راهَ!

(٦)

اَمير (شاهوڪار) بڻجڻ جي لالچ پئدا ٿي هئي. هن سمجهيو تہ هن ٻرَ اَندر خزانو پوريل آهي، اُهو هٿ ڪرڻ لاءِ هُنَ مونکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پنهنجو ئي نقصان ٿيس. مان تہ نہ مُئس پر هو مري ويو. جيڪو اِنسان بنا لالچ ۽ صبر سان ڪنهنجي سيوا ڪندو آهي تنهنجي ئي سيوا جو ڦل ڀڳوان ڏيندو آهي !''

ڪسان کي پنهنجي پُٽ جي مؤت جو دک تہ ٿيو پر هن نانگ ديوتا کان معافي ورتي ۽ واپس گهر آيو ۽ سوچيندو رهيو تہ لالچ ڏاڍي بُري بَلا آهي، اِنجو نتيجو بہ بُرو ڀوڳڻو پويٿو. سيوا ڪرڻ اِنسان جو فرض آهي، پر ڪيس من ۾ لالچ رکڻ نہ گهرجي.



پيارو ڀارت

روشن گولاٽي (اَحمدآباد)

پيارو، نيارو ديس اَسانجو،
تنهنجو مُنهنجو آهي سڀنِ جو.


- آهي هِماليہ پَهريدار،
ڪَلِ ڪَلِ گنگا ڪري نِڪار؛
پَوترَ جلَ آ ڪيڏو اِنجو،
پيارو نيارو ديسُ اَسانجو !
- جَمنا سَرسِوتي، گوداوري،
پياس بُجهائن ڌرتيءَ جي،
ڏِيَنِ خزانو ٿِيوُن خوُشين جو،
پيارو، نيارو ديس اَسانجو،

ويو ۽ پوءِ ٻر ۾ هليو ويو. ڪسان جيئن ئي ڪٽوري ڪنئين ته اُن ۾ هڪ سوني مُهِرَ پيل ڏٺائين. هُن کي عجب ته لڳو پر سوچيائين ته نانگ ديوتا مٿس راضي ٿيو آهي.

ڪسان هيئنئر روز کير سان ڀريل ڪٽوري نانگ لاءِ کڻي اَچڻ لڳو ۽ موٽ ۾ کيس سوني مُهِر ملندي رهي ته اَمير بڻجڻ لڳو. ڪسان کي ڪنهن ڪم سان ٻاهر ڳام وڃڻو پيو ته پنهنجي پٽ کي هدايت ڪري ويو ته نانگ-ديوتا کي روز نيم سان کير پياريندو رهي. ڪسان جو پُٽ روز کير جي ڪٽوري ڀري نانگ جي ٻر ڀرسان رکڻ لڳو ۽ روز هڪ سوني جي مُهر کيس ملندي رهي. ڪسان جي پٽ کي لڳو ته پڪ ئي نانگ جي ٻِر هيٺان سونَ جي مُهرن جو خزانو آهي، جتان هڪ هڪ مهر کڻي پيو اَچي. سو ڇونه نانگ کي ماري ڇڏجي ۽ خزانو هٿ ڪري وڏيڪ اَمير جلدي بڻجي پئجي. سو کير پيئڻ لاءِ جيئن ئي نانگ ٻِرَ مان ٻاهر نڪتو ته ڇوڪري نانگ کي مارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر نانگ کيس ڏنگ هڻي ماري ڇڏيو.

ڪسان کي پُٽ جي مرڻ جو سماچار ٻُڌايو ويو ته هو هڪدم پنهنجي ڳوٺ ۾ واپس آيو ۽ اُن هنڌ تي ويو جتي نانگ جو ٻِرُ هو. اُتي پهچڻ تي نانگ-ديوتا کيس ڪُنڊلي ماري ويٺل نظر آيو. ڪسان نانگ اَڳيان هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي ته نانگ کيس چيو: ”تنهنجي پٽ جي دل ۾ جلد

ڪهاڻي




لائق ڪير ؟

منيشا ڪي. ٻالاڻي
درجو يارهون (اي)
(مهاتما گانڌي هاير سيڪنڊري اِسڪول، اَحمدآباد)

سيٺ سيتلداس، ڀڳوان جهوليلعل جي پوڄا ۽ آرتي ڪري، پنهنجي اوطاق ۾ اَچي ويٺو. سيتلداس کي پنهنجي ڪارخاني لاءِ ڪنهن سچيار ۽ لائق نؤجوان جي ضرورت هئي. اِن لاءِ هُن اَخبار ۾ اِشتهار وجهارايو هو. اِشتهار پڙهي ڪي نؤجوان اِنٽرويو ڏيڻ لاءِ آيا هئا؛ جن مان هڪ-هڪ کي اَلڳ-اَلڳ سيٺ اوطاق ۾ سڏايو. اِنهن سيني نؤجوانن مان ڪيس ٻه نؤجوان پسند پيا. پر ڪيس ته صرف هڪ نؤجوان جي ضرورت هئي، اِنڪري ڪيس آخرين فيصلو ڪرڻو هو. سو هڪ نؤجوان کان پڇيائين : ”تو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪي نيڪ ڪم ڪيا آهن؟“

نؤجوان جواب ۾ چيو : ”مون ڪڏهن به ڪُوڙ ڪونه ڳالهايو آهي. ڪڏهن به ڪنهن کي رنجايو ڪونهي. ڪڏهن به ڪنهن سان دغا ڪونه ڪئي آهي. ٻوڏ ۽ طوفان جي پيِڙتن کي شڪتيءَ آهر مدد ڪئي آهي.“

سيٺ سيتلداس هينئر ٻئي اُميدوار نؤجوان کي گهرائي ڪانئس ساڳيو سوال پڇيو ته نؤجوان چيو : ”مون کو خاص ڪم ته ڪونه ڪيو آهي، پر ماءُ، پيءُ جي بيماريءَ



منهنجو پيارو اِسڪول

ڪومل مهيش لال لنڊ
درجو پنجون (بي)
(نيو ايرا هاءِ اِسڪول، سنڌونگر - ٣)

واه واه منهنجو پيارو اِسڪول،
نيو ايرا سڀ کان نيارو اِسڪول.

سڄي شهر جي وچ ۾ آهي،
آمدرفت جو ڀَئُہ پڻ ناهي،
باغيچو ڀي ڀرسان آهي،
سڀ ڪو اِن ۾ پڙهڻ ٿو چاهي؛
واه واه منهنجو پيارو اِسڪول!

اَنگريزي پڻ ٿا سيکارن،
سُٺيون ٿا رانديون خوب ڪرائن،
آکاڻين سان چرتر ٺاهن،
داديون ڌيان سان سبق پڙهائن؛
واه واه منهنجو پيارو اِسڪول!

سنڌي پڙهندس، هندي پڙهندس،
گيان وگيان جي سکيا وٺندس،
خوب پڙهي مان ڊاڪٽر ٿيندس،
ممي ۽ پاپا کي سُک ڏيندس،
واه واه منهنجو پيارو اِسڪول!

ڪهاڻي



آزمائش

يش وجيہ ڪمار گوڏواڻي
درجو (ستون)
(آر.ايس. ڪالريا پرائمري اِسڪول، جهونا ڳڙهہ)

ڪنهن راجا کي ٽي پٽ هئا. هو ٻڍو ٿي ويو هو؛ اِنڪري راڄ جو ڪاروبار ٽنهي پٽن مان سياڻي ۾ سياڻي پٽ کي سنڀالڻ لاءِ ڏيڻ جو اِرادو ڪيو. هن پٽن جي آزمائش وٺڻ جي خيال کان ٽنهي پٽن کي گهرائي اَلڳ-اَلڳ قسمن جا ٻج ڏيئي چيو: ”مان ٻن-ٽن سالن لاءِ تيرٿ ياترا تي ٿو وڃان. هي ٻج پاڻ وٽ سنڀالي رکو. واپس اَچڻ تي مونکي ڏجو!“

راجا تيرٿ ياترا تي هليو ويو. پهرئين پٽ سوچيو: ”هي ٻج سنڀالي ڇا ڪندس؟ ڇو نہ بازار ۾ وڪڻي اَچان؟ پئسا ڪم آئيان. پتا جي واپس اَچڻ کان اَڳ بازار مان ساڳيا ٻج خريد ڪري ڪيس ڏيندس. سو هُن بازار ۾ ٻج وڪڻي ڇڏيا.

ٻئين پٽ وري ٻجن کي تجوڙيءَ اَندر بند ڪري رکيو. پر ٽئين پٽ سوچيو، ڇو نہ پاسي واري باغ ۾ اِهي ٻج پوکيان. ٻج سنا آهن. خوب ميوا نڪرندا؛ ڇو تہ اِهي ٻج تہ ڦلن جا پيا لڳن. هُن اِهي ٻج باغ ۾ وڃي پوکي

جي علاج لاءِ بوٽ پالش ڪئي، ٽئڪسين ۽ ڪارن جي صفائي ڪئي ۽ ڪندو آهيان. مونکي نندڍي پيڻ آهي، جنهنکي اِسڪول موڪلڻ جو ذمو پاڻ تي کنيو آهي؛ سوبہ ڪيس سنڌي اِسڪول ۾ پنهنجي ماترپاشا دواران سکيا وٺڻ جو قدم کنيو آهي."

"تمام سنو ڪم ڪيو اٿئي،" سيٺ چيو، "ٻيو ڪو ڪم؟"

"ٻيو ڪم اِهو ڪيو آهي جو هڪ منهنجو دوست آهي سندر. ڪجهہ ڏينهن اَڳہ هو منهنجو جاني دشمن بڻجي پيو؛ چو تہ مان ڪيس آوارا جوانن سان گهمڻ-ڦرڻ ۽ رُلڻ کان منع ڪندو هوس. هڪ ڏينهن جهوناڳڙهہ جي گرنار جبل تي مون ڪيس ڏٺو. منهنجي من ۾ شڪ جاڳيو تہ هو ضرور آپگهات ڪندو. سو مان مٿي چڙهي ويس. دشمن هوندي بہ مون ڪيس پاڪر پائي سمجهائي-ٻُجهائي واپس وٺي آيس. مان اِنسانيت جي ناتي دوست-دشمن ۾ ڪو فرق نٿو سمجهان!"

۽ سيٺ ٻنهي جوانن مان، هن جوان کي ئي لائق سمجهيو ۽ چيائين، "تنهنجي من ۾ پنهنجي ماءُ-پيءُ لاءِ عزت ۽ پيار آهي، ڀيڻ کي پاڙهڻ لاءِ بہ خوب محنت ڪئي آهي. ايتري قدر جو بوٽ-پالش ڪئي، ٽئڪسيون ۽ ڪارون صاف ڪرڻ جهڙن ڪمن کي پنهنجي گهٽتائي نہ سمجهي ۽ دشمن کي پيار ڪيو ۽ بچايو. نيڪ آ، تون سپاٽي کان ئي اَچي ڪم تي چڙهہ!" × × × × × ×



اَپراڌي راجا

منيشا کانچنداڻي (درجو ڏهون)
(جهوليلعل ٽرسٽ اِسڪول، سنڌونگر - ٢)

هڪ راجا چڱو داني پرش ۽ ديالو سڀاوَ جو هو. هن هڪ
واڙو ٺهرايو هو، جنهن ۾ هزارين ڳايون هيون. اِنهن
ن مان جيڪي ڀليون ڳايون هيون، اُهي غريبن کي دان
ڏيندو هو تہ غريب کيس دعائون ڪندا هئا.

راجا جي اِن واڙي جي پاسي ۾ هڪ گهَرُ هو. مالڪ
هڪ ڀلي ڳاءِ هئي، جا هڪ ڏينهن راجا جي واڙي ۾
ويئي. ڳاءِ جي مالڪ ڏاڍي ڳولها ڪئي پر کيس
ءِ نہ ملي سگهي.

هڪ ڏينهن ڳاءِ جي مالڪ کي پنهنجي ڳاءِ، هڪ
همڻ جي گهر ۾ ڏسڻ ۾ آئي تہ مالڪ ۽ برهمڻ وچ ۾
ڙو ٿي پيو. جهڳڙو نپٽائڻ لاءِ برهمڻ، ڳاءِ جي مالڪ
راجا وٽ وٺي آيو. چيائين : ”مهاراج ! ڳاءِ تہ اوهان
مونکي دان ۾ ڏني آهي. هاڻ ڇا ڪجي ؟“

راجا ڌرم سنڪٽ ۾ پئجي ويو. هن دل ۾ سوچيو :
نکي پرائي ڳاءِ پاڻ وٽ رکڻ ئي نہ کپندي هئي. جي
ان ها تہ برهمڻ کي دان بہ نہ ڪريان ها پر ڳاءِ تہ

چڊيا ۾ خوب سنڀال ڪئي. پاڻي ۾ پاڻ ڏنو تہ وڻ وڏا ٿي ويا ۽ ڦل-ميوا ڏيڻ لڳا.

ٽِن سالن بعد راجا ياترا تان واپس آيو ۽ ٽنهي پٽن کي گهرائي، ڏنل ٻجن جي واپس ڪرڻ لاءِ چيو. راجا جو وڏو پٽ بازار ويو پر ڪيس ٻج ملي نہ سگهيا ۽ هٿين خالي موٽي آيو. وچين پٽ تجوڙيءَ کولي تہ ڪمري ۾ گندي بانس ڦهلجي ويئي. سڀ ٻج سڙي ويا هئا. ٽنهي پٽن مان ننڍو پٽ پنهنجي پتا کي باغيچي ۾ وٺي ويو ۽ ميون جا وڻ ڏيکاريندي چيائين : ”بابا توهانجا ڏنل ٻج مون هِن باغ ۾ پوکي چڊيا هئا.“

راجا ننڍي پٽ جي عقل تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽ کي آسيس ڪندي چيائين : ”پٽ ! تون ئي راج گديءَ تي ويهڻ لائق آهين. اَڄ کانپوءِ تون راجا آهين !“

راجا، راج گدي ننڍي پٽ کي ڏيئي پاڻ سنياس ڌارڻ ڪيو.



يو. پر ڏيڏر کي ڪڏهن نٽي سگهيا تہ ڪرشن وٽ ڊوڙندا
يا ۽ کيس وچي ڏيڏر جي تڙڦڻ جي ڳالهہ ڪئي. ڪرشن
گوالا کوهہ وٽ آيا ۽ ڪرشن کوهہ اَندر گهڙي ويو ۽ جيئن
ي ڏيڏر کي هٿ لڳايائين تہ ڏيڏر، سهڻو ٻالڪ بڻجي
پيو. گُوالا سڀ حيرت ۾ پئجي ويا. ڪرشن ٻالڪ سميت
ٻاهر نڪري آيو تہ ٻالڪ کيس پنهنجي مهاپاپ ٿي وڃڻ
جي ڳالهہ ٻڌائيندي چيو: ”ٻئي جي ڪابہ شيء پاڻ وٽ
ر کڻ پاپ آهي ۽ اُها شيء پنهنجي نالي ۾ دان ڪرڻ بہ
پاپ آهي. پر دان ۾ ڏنل چيز واپس وٺڻ تہ مهاپاپ آهي.
ڀڳوان ڪرش جي مَهر سان مونکي نئون جنم مليو آهي. سو
اَهڙو ڪم وري ڪڏهن کونہ ڪندس؛ ڏيندس پر واپس نہ
وٺندس.“

ٻال گيت



سروج درياڻي
(نيو سنڌي پرائيمري اِسڪول (سنڌونگر)

هِڪُ، ٻہ، ٽي؛ اَمان اِسڪول وڃڻ ڏي.
ٻہَ، ٽي، چار؛ ڪريان اِسڪول کي پيار.
ٽي، چار، پنج؛ پستڪ وِهاريان هنجِ.
چار، پنج، ڇهہ؛ گيانَ جا پايان ڳهہ.
پنج، ڇهہ، سَتَ؛ ڪوڙَ کي هڻان لتَ.
سَتَ، اَٺَ، نَوَ؛ مَنَ مان ڪڍان ڀَوَ.
اَٺَ، نَوَ، ڏهہَ؛ مانُ ملي هر جَڳهہ!

اَصلي مالڪ کي ڏيڻ گهرجي.“

راجا برهمڻ کي چيو: ”اِها ڳانءِ تون واپس وٺي اَچ ۽ هن اَصلي مالڪ کي ڏي.“ توکي جيتريون ڳايون کپن هِن واڙي مان وٺي وڃ!“


برهمڻ ڳانءِ مالڪ کي واپس ڪئي ۽ مالڪ ڏاڍو خوش ٿيو ته راجا جي نياءَ جي ساراهه ڪرڻ لڳو. پر برهمڻ جو ڳانءِ ۾ موهه پئجي ويو هو. هو دل ئي دلِ ۾ تڙڦڻ لڳو. دان ڪيل ڳانءِ راجا واپس ڪيئن ورتي. اِهو مهاپاپ آهي! نياءُ ناهي پر ڪنياءُ آهي!!

ڪجهه وقت بعد راجا جو ديهانت ٿي ويو ۽ جڏهن سندس آتما ڌرم-راج وٽ پهتي ته ڌرم-راج کيس چيو: ”دان ڪيل ڳانءِ برهمڻ کان واپس وَٺي تو مهاپاپ ڪيو آهي، تنهنڪري توکي ڏيڏر جو جنم ٿو ڏجي. جيئن ڳانءِ لاءِ برهمڻ تڙقي رهيو آهي تيئن توکي به تڙڦڻو پوندو!“

راجا جي آتما کي ڌرم-راج ڏيڏر جو جنم ڏنو، سو به اَهڙي کوهه ۾، جنهن ۾ پاڻي بلڪل ڪونه هو ته ڏيڏر تڙڦڻ لڳو. ٻاهر به نڪري نٿي سگهيو.

شام جو ڀڳوان ڪرشن جا سَکا (دوست) کوهه جي ڀرسان راند ڪري رهيا هئا ته ڪين کوهه مان ڏيڏر جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. ڏيڏر کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڳُوالن کي تَرسُ پئي

ڪهاڻي



پيار ته اهڙو



ڪلواڻي ريشما
درجو اٺون
(سنڌو وديا نڪيتن هاءِ اسڪول (سنڌونگر)

هڪ دفعي جي ڳالھ آهي. هڪ هرڻ موج-مستيءَ ۾ جهنگل ۾ گهمي رهيو هو ته اوچتوئي اُتي شينهن اَچي ويو. ر هرڻ مَنَ جو بهادر هو. شينهن کان هو ڏکيو ڪونه. شينهن گجگوڙ ڪري، هرڻ کي چيو: ”بيهه، مان توکي ائيندس!“

هرڻ سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين: ”اي جهنگل جا راجا! تون مونکي اَڄ ڇڏي ڏي!“

شينهن چيو: ”مونکي بک لڳي آهي. اَڄ ڇو ڇڏيانءِ؟“

هرڻ چيو: ”ڏس! مان جوان آهيان. مونکي زال آهي ۽ ٻه ٻار به آهن. جيڪڏهن مان گهر نه پهچندس ته هو ڏاڍو پريشان ٿيندا ۽ ڳولهيندا. نه ملڻ تي زارون زار روئيندا. اِنڪري ئي تو چوان ته....“

”چڱو! تنهنجي ڳالھ برابر آهي!“ شينهن چيو، ”مونکي ته ڪونه ڪو شڪار ملي ئي ويندو. پر اَنجام ڪر نه سڀاڻي تون هتي ئي پاڻيهي ايندين. جي نه آئين ته ان توکي ۽ تنهنجي زال ۽ ٻارن کي به کائي ڇڏيندس!“



ڪل تہ سهين؟!

پٽ : پاپا... ڪجھ رپيا ڏيو، ضروري ڪم ۾ آهن.

پاپا : توکي ڪيئي ڀيرا، ڪيترو ڏنو آهي - پر ڪنهن ڪم جو ڪونہ آهين !

پٽ : پاپا، پئسا ڏيڻا ئي پوندوَ '

پاپا : ڌمڪي ٿو ڏين...!نڪري وڃ گهر کان !

پٽ : مان ڇا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان؟

پاپا : وڃ... وڃ، چوري ڪر، ڏاڪو هڻ، ڪجھ بہ ڪر پر پئسا نہ گهُر !

ڪجھ ڏينهن بعد.

پاپا : (پُٽ کي ڏسندي) تون واپس ڇو آيو آهين؟

پٽ : اوهانجي ۽ مميءَ جي آسيس وٺڻ.

ماءُ : پٽ ! تو ڪهڙي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي؟

پٽ : ممي مون ست لک ڪمايا آهن !

پاپا : واه... آهڙو ڪهڙو ڌنڌو آهي جو...؟

پٽ : پاپا، اُهو ڌنڌو جيڪو اوهان غصي ۾ چيو هو. مون ڏاڪو هنيو آهي !

پاپا : ڏاڪو...؟!

پٽ : ها... توهانجي ئي گهر ۾، توهانجي ئي تجوڙيءَ مان. اُهي ست لک جيڪا بلئڪ جي ڪمائي آهي.

پيءُ (زال کي) : ڏٺئہ... ڏِاءِ، هيءُ منهنجو پٽ آهي؟

زال : مونکي اَڄ ئي پڪ ٿي تہ هي توهانجو ئي پٽ آهي ۽ اوهانجي حڪم جي پيروي ڪري رهيو آهي !

ٻارن جا منڙا ٻول ٻُڌي شينهن سوچ ۾ پئجي ويو.
وچيائين : ”هن ڪتنب جو پاڻ ۾ ڪيڏو نه پيار آهي !
ڪ-ٻئي مٿان قربان ٿيڻ لاءِ به تيار آهن. شينهن چيو :
پيارا ٻالڪو ! وچو مان ڪنهنکي به نه کائيندس. تنهنجو
يءُ به اَنجام جو سچو آهي.“

هرڻ، سندس زال ۽ ٻار خوش ٿيندا هليا ويا ته ايتري
ر شينهن کي هڪ لِنگ ڏسڻ ۾ آيو؛ جنهن مان شِو ڀڳوان،
ينهن کي درشن ڏنو ۽ چيائين : ”اَڄ مهاشوراتري آهي.
و هرڻ ۽ سندس ٻارن تي ديا ڪري ڇڏي ڏنو. مان توکي
ردان ٿو ڏيان ته ٻئي جنم ۾ توکي رام-ڀڳت جي گهر ۾
جنم ملندو.“ ايترو چئي شِو ڀڳوان اَنتر-ڌيان ٿي ويو.

شينهن جلد ئي تورن ڏينهن ۾ مري ويو ۽ ڪيس
هڙي هريجن جي گهر ۾ جنم مليو جو رام-ڀڳت هو.

سنتن جا سُخن

<u>رارٿنا :</u>

پرارٿنا کي اَرداس يا نماٽي وينتي به چئي سگهجي
و. پرارٿنا هڪ اَهڙو هٿيار آهي، جنهن سان ساري جڳت
ي سوپ پائي ٿي سگهجي ۽ سڀ ڏُک ناس ڪري ٿا
گهجن. سڀ وِگهن ٽاري ٿا سگهجن، پرارٻڌ کي به پلٽي
گهجي ٿو، سچ کي جاڻي سگهجي ٿو ۽ هلي سگهجي ٿو.
رتا کي پراپت ڪري سگهجي ٿو. دُراچار ناس ڪري
گهجي ٿو.

”قبول آهي.“ هرڻ اَنجام ڪيو ۽ شينهن کيس ڇڏي ڏنو. هرڻ پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي پيار مان ڀاڪر پائڻ لڳو ته زال ڪانئس پڇيو، ”منهنجا راجا ! اَڄ ايترو خوش ڇا لاءِ آهين جو خوب ڀاڪر پيو پائين؟!“

هينئر هرڻ گنڀير ٿي ويو. چيائين، ”سڀاڻي ڪان، اوهان پاڻ تي ڀاڙجو !“ زال کي عجب لڳو : پڇيائين، ”ڇو... ائين ڇو ٿا چئو ؟“

هرڻ، زال ۽ ٻارن کي ساري حقيقت ٻُڌائيندي چيو : ”شينهن سان ڪيل اَنجام ضرور پاڙڻو پوندو !“ پر زال چيو : ”نه... توهانجي بدران مان جهنگل ۾ وينديس !“ ته ٻارن چيو : ”نه... جهنگل ۾ اَسان ويندا سين !“

هرڻ چيو : ”چڱو اَسان سڀئي گڏجي هلنداسين. پلي شينهن اَسان سڀني کي کائي ڇڏي. هڪ-ٻئي بنا جيئڻ کهڙي ڪم جو؟!“ ته ٻارن چيو : ”هي شينهن پاڻ کي سمجهي ڇاٿو؟ اَسان گڏجي مقابلو ڪنداسين!“

ٻئي ڏينهن تي هرڻ، زال ۽ ٻارن کي ساڻ ڪري مقرر جڳهه تي آيو ته شينهن به اِنتظار ۾ وينو هو. هرڻ چيو : ”اي جهنگل جا راجا ! تون برابر وڏو بهادر آهين. اَڄ، اَڇي مونکي کاءُ !“ ته زال چيو : ”نه... نه، منهنجي گهوٽ کي نه پر مونکي کاءُ !“ ته وري ٻنهي ٻارن چيو : ”اي جهنگل جا راجا ! تون ته بهادر به آهين ۽ دياوان به آهين. اِن هوندي به تنهنجي مرضي هجي ته پهرئين اَسانکي کاءُ!“


...ريوءَ جي عجيب مايا



پايل اي. چيلاڻي
درجو ٻارهون (اي)
(مهاتما گانڌي هاير سيڪنڊري اِسڪول،
ڪٻيرنگر (اَحمدآباد)

اَحمدآباد جي هنومان مندر ۾ ٻه شخص روز پوڄا
...رڻ ايندا هئا. پرارٿنا ڪرڻ بعد، مندر جي ٻاهران، هڪ
...ٿهن گڏيا تہ ڪيولرام، گوبندرام کي چيو : ”مان هن
...ري هردوار تيرٿ ياترا لاءِ ويندس تہ ياترائن جي اَڌ-
...ڌي پوري ٿيندي !“ پر گوبندرام چيو : ”مان تہ هن
...ل تائين هردوار وڃي نہ سگهيو آهيان. دل ۾ آشا آهي تہ
...ڪ ڀيرو اَلهآباد وڃي تروينڻي-سنگم جو اِشنان ڪريان.
...ن سال پئسا بہ گڏ ڪري رکيا آهن. تيرٿ ياترا مان بہ
...ور ڪندس !“

پر ٻنهي جي من ۾ هڪڙي تہ صاحب جي من ۾
... هڪ ڏينهن گوبندرام جو پاڙيسري جهمٽمل، سهڪندو،
...ڪندو، گوبندرام وٽ آيو ۽ ٻڌايائينس : ”گوبندرام،
...هنجي پتنيءَ کي اوچتوئي دماغي تڪليف ٿي پيئي
...ي ۽ بيهوش ٿي وَئي آهي. ڊاڪٽر ڏوڪلاڻيءَ صلاح ڏني
...ي تہ ڪيس سرڪاري اِسپتال ۾ ترت ڪٽائي وڃان. پر ڇا
...ريان؟ مون وٽ تہ پئسا ئي ڪونهن ! ڇا تون هن ڏکئي
...ت مدد ڪندين؟“



پتنگ

ڏوڏيجا جئہ شري دنيش ڪمار
درجو يارهون
(ڊاڪٽر چوئٿرام ڳدواڻي هائر سيڪنڊري اِسڪول، اَحمدآباد)

منهنجو پتنگ آ ڪيڏو ننڍڙو،
پَرَ هو ڪيڏو مٿي اُڏي ٿو !

١- رنگ برنگي ڪيڏو سُهڻو،
اَڇو آ پيلو، نيرو، سائو،
وَزَنَ جو آهي ڪيڏو هلڪو،
پَرَ هو ڪيڏو مٿي اُڏي ٿو !

٢- اُپَ ۾ ڪيڏا نخرا ڪري ٿو،
خوُب ڦيراٽيون هو پائي ٿو،
ٻين پتنگن ساڻُ لڙي ٿو،
پَرَ هو ڪيڏو مٿي اُڏي ٿو !

٣- ڏور پَتنگ جي هٿِ منهنجي آ،
پتنگ ٻينِ جا ڪريان ٿي ڪاٽا،
جيتي ڪير نہ اِن کي سگهندو،
ڏس ! پر هو ڪيڏو مٿي اُڏي ٿو !

مهامني نارد چيو : ”اِهو تہ ناحق ٿيندو. کيولرام
آڌ صدي، هر سال تيرٿ ياترا ڪندو رهيو آهي ۽ گوبندرام
هڪ ڀيرو بہ تيرٿ ياترا ڪونہ ڪئي آهي ! اِها نہ بي
صافي چئبي !“

يمراج نِمرتا سان چيو : ”معاف ڪجو مُنيشوَر !
کيولرام تہ ڪوڙ-پاپ جي مايا جي زور تي، پنهنجا پاپ
بخشائڻ لاءِ تيرٿ ياترائون ڪيون آهن. پر ياترائون شرڌا
سچي ڀڳتيءَ سان ڪونہ ڪيون هيون. ٻئي طرف
وبندرام، غريب هوندي بہ ياترا لاءِ گڏ ڪيل پئسا، جهمٽمل
ي پتنيءَ جي بيماريءَ تي خرچ ڪري ڇڏيا. وقت تي
ڪين جي سيوا ڪرڻ ئي مهاتيرٿ جو ڦل ملندو آهي !“

يمراج جو جواب ٻڌي مهامني نارد ”نارائڻ... نارائڻ
وندي چيو : ”واهہ پڀو ! تنهنجي عجيب مايا !“ پٽر
ارين ۽ ڀن ٻوڙين !!“

گوبندرام غريب تہ هو پر دل جو درياهہ هو. تيرٿ ياترا لاءِ بچائي رکيل پئسن جي ڳوٿري کڻي آيو. ”يار! هاڻ وٺ. هن ڀيري تيرٿ ياترا نہ ٿيندي تہ واندو ڪونهي. ٻئي سال ٿي ويندس. پر تنهنجي پتنيءَ جو ضرور علاج ٿيڻ گهرجي.“

گوبندرام پنهنجي پاڙيسريءَ کي نہ صرف پئسن جي مدد ڪئي پر سرڪاري اِسپتال ۾ ڀرتي ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي. جهمٽمل جي پتني ٿورن ڏينهن ۾ ئي چاڪ-چڱي ڀلي ٿي ويئي تہ جهمٽمل، گوبندرام جا ڏاڍا شڪرانا مڃيا.

پر قدرت کي ڪير روڪي. مؤت پڇي ڪونہ ايندو آهي. گوبندرام اوچتو ئي بيمار ٿي ويو. ٻئي طرف ٻن ڏينهن کانپوءِ ڪروڙپتي ڪيولرام جو دل جي دؤري سبب ديهانت ٿيو. ٻنهي مان ڪوبہ تيرٿ ياترا ڪري نہ سگهيو.

سرڳ ۾ ڌرم-راج ۽ يَمراج، ڪرمن جي وَهي کولي، جاچي رهيا هئا تہ اوچتوئي مهامُني نارد : ”نارائڻ... نارائڻ“ ڪندو اَچي پهتو ۽ پڇيائين : ”ڌرم راج ! هي وَهي ڇا لاءِ ڪنهنجي لاءِ پيا جاچيو؟“

ڌرم-راج، ناردمُنيءَ کي ڪيولرام ۽ گوبندرام جي ڪرمن جو چنو ڏيکاريو ۽ چيائين : ”ڪيولرام کي نرڳ ۽ گوبندرام کي سرڳ ۾ ٿا موڪليون !“

واري کي پُنتي منهن ڪري نهارڻو نہ پوندو. جي نهاريندو تہ پٿر بڻجي ويندو!''

ڇوڪري ھڪدم گھر اچي سيني سان ڳالھہ ڪئي تہ وڏو ڀاءُ پنهنجي گروءَ وٽ ويو ۽ طوطي واري ڳالھہ ٻڌائي تہ گروءَ چيو: ''طوطي جي ڳالھہ بلڪل صحيح آھي. ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪو ھرج ڪونهي.''

وڏو ڀاءُ لوٽي کڻي تلاءَ طرف ھلڻ چالو ڪيو. اٽڪل پنجاھہ ڪلوميٽر پار ڪري ويو تہ ڪيس آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اِهو آواز سندس پيڻ جهڙو ٻُڌڻ ۾ آيو تہ ھن جيئن ئي پٺتي نهاريو تہ پٿر بڻجي ويو.

وڏي ڀاءُ، واپس موٽڻ ۾ تمام گھڻي دير لڳائي تہ ماءُ، پنهنجي ننڍي پٽ کي سماءُ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. ڇوڪريءَ جو ننڍو ڀاءُ، بنا پٺتي نهارڻ جي اٽڪل ستر ڪلوميٽر پنڌ ڪيو تہ ڪيس وڏي ڀاءُ جي سڏن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيس ۽ جيئن ئي پٺتي نهاريو تيئن ئي پٿر بڻجي ويو!

ٻنهي پٽن جي واپس نہ موٽڻ تي ماءُ کي ڳڻتي وٺي ويئي. سوچيائين تہ ٿي سگھي ٿو ٻنهي ڀائرن پٺتي نهاريو ھجي ۽ ٻيئي پٿر بڻجي ويا ھجن. ماءُ پوءِ پنهنجي گروءَ وٽ ويئي تہ گروءَ ڪيس چيو: ''ماتا، توھانجو شڪ برابر ٿي سگھي ٿو. ھاڻ تہ صرف ھڪ ئي اُپاءُ آھي. ان وچتر تلاءَ تان پاڻي ضرور پرڻ گھرجي. اِن تلاءَ جي پوتر جل جي

کهاڻي



ڪارو ڪوهه

نئنسي لُلا (درجو ڏهون)
(جهوليلعل ٽرسٽ اِسڪول، سنڌونگر - ٢)

ڪنهن ڳوٺ جي هڪ گهر ۾ پنج ڀاتي رهندا هئا. ماءُ-پيءُ، ٻه ڀائر ۽ هڪ ننڍي ڀيڻ. اُن گهر جي ٻاهر هڪ سٺو ۽ سندر ڪوهه هو. پر ڪوهه جو پاڻي ڪجهه مهنن کان کارو- ڪارو ٿي ويو هو ۽ پيئڻ جي لائق ڪونه رهيو هو. هڪ ڏينهن ڇوڪريءَ کي، ڪوهه جي ٻني تي هڪ طوطو ويٺل نظر آيو. طوطو ڪجهه چئي رهيو هو. ڇوڪري ڪوهه پرسان ويئي ۽ طوطي جا لفظ ڌيان سان ٻڌڻ لڳي. طوطو چئي رهيو هو : ”هن ڪوهه جو پاڻي، مصريءَ کان به مٺو ٿي سگهي ٿو!“

ڇوڪريءَ طوطي کان پڇيو : ”ڪارو پاڻي ڪيئن مِٺو ٿي سگهندو، جلدي ٻُڌاءِ !“

طوطي چيو : ”هتان هڪ سؤ ڪلوميٽر ڏکڻ طرف هڪ تلاءَ آهي؛ اُن تلاءَ مان جيڪڏهن، صرف هڪ لوٽي پاڻيءَ جي پري، هن ڪوهه ۾ وجهبي ته پاڻي مِٺو ٿي پوندو!“

ڇوڪريءَ چيو : ”واه ! اِها ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي !!“

طوطي چيو : ”پر هڪ شرط اِهو آهي ته تلاءَ طرف وڃڻ

نوٽ : هم لوگ سرڪل، (سنڌونگر) پاران رکيل مضمون
چٽاڀيٽيءَ ۾ هيٺ ڏنل مضمون کي پهريون نمبر اِنعام
مليو هو. مضمون جو مختصر روپ ڳلابي ڳلڙا ۾ شايع ڪيو
ويو آهي؛ جيئن شاگردن کي اِن مان اُتساهه ملي. - سمپادڪ

مضمون چٽاڀيٽي : (اِنعام پهريون)

سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا

وِنيتا پهلاجراءِ راماڻي (درجو ڏهون)
(سنڌو وديا نڪيتن هاءِ اِسڪول، سنڌونگر - ٣)

سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا، سنڌي جاتيءَ لاءِ، دنيا پر
فخر وٺڻ لائق آهي. کوجنيڪن ثابت ڪري ڏيکاريو
هي تہ اِن جو مکيہ مرڪز سنڌ جي لاڙڪاڻي جي اِردگرد،
نڌو نديءَ جي ويجهو هو. مِصر جي نيل نديءَ جيان سنڌو
دي سنڌ لاءِ هڪ قيمتي سوغات آهي.

سنڌ جي آب-هوا خشڪ آهي. فقط ڏکڻ واري ڀاڱي
چؤماسو ٿيندو آهي؛ سوبہ ڪڏهن ڪڏهن. خاص ڪري
ر سنڌ ۾ تہ سخت گرمي ٿيندي آهي. پر سکر براج جي
عري سنڌ جي ميدانن ۾ جهجهو اَناج، ڀاڄيون، ميوا ۽
ڀيون وغيره ملنديون آهن، جن لاءِ وڏا نندا واهہ ذريعو
هن.

سنڌ جي موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪو
وجنيڪن کي هٿ لڳو، اُنهن مان ثابت ڪيو ويو آهي تہ


چندن هڻڻ سان تنهنجا ٻيئي پٽ، پٿر مان اِنسان بڻجي پوندا ۽ اِن جل جي لوٽيِ کوهہ ۾ وجهبي تہ پاڻي بہ مٿو تي پوندو ۽ نہ صرف توهانکي فائدو ٿيندو، پر سڄي ڳوٺ کي ۽ مسافرن کي بہ پياس ٻجهائڻ جو وجهہ ملندو. سڀ توهانکي دعائون ڪندا.“

ٻارن جي ماتا پوءِ اِهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. بنا پنتي نهارڻ جي تلاوَ تي پهچي ويئي. تلاوَ جو پوتر جل مان لوٽيِ ڀري آئي. پاڻيءَ جي چندن سان سندس ٻيئي پٽ بہ جيئرا ٿي پيا تہ کوهہ ۾ جل جي لوٽيِ وجهڻ سان پاڻي بہ مٿو تي پيو !

اِن ڪرامت جي خبر جڏهن ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويئي تہ سڀيئي، ٻارن ۽ سندن ماءُ جي همت کي داد ڏيڻ لڳا. پڪي اِرادي ۽ همت سان ئي مقصد ۽ منزل ملي سگهي ٿي. اِن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي !

هراپا، ڪالي بنگان ۽ لوٿل وغيره ۾ ته ڪجھ قبرون
ملیون آهن؛ جن مان اِنساني جسم جا هڏائان پڃرا ۽
ڙيون به مليون آهن. جنِ جي عضون ۾ زيور پيل به
ا؛ جن مان لڳي ٿو ته مري ويلن جي عضون تان زيور
ونه لاٿا ويندا هئا. پر اَنتم سنسڪار وقت ڪٽڪ، جَوَ، ململ
ڪپڙو، ڳُڙَ جهڙي شئه، ٽامي جا برتن ۽ زيور به رکيا
ندا هئا.

مطلب ته سنڌ جي آڳاٽي سڀيتا سڌريل هئي، ماڻهون
نتي پسند هئا ۽ اُٺڻ ويهڻ جو ڍنگ شاناَئتوهونِ؛ جنهن
ِ سنڌي جاتيءَ کي ته ناز ۽ فخر آهي پر دنيا ڀرِ ۾ عزت
مانُ آهي. ×××××



سنڌ جي سيپتا ڪافي سڌريل هئي. پڪا ۽ هوادار گهر هئا. پاڻي پيئڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جا پڪا ۽ سنا وسيلا هئا. سماج ڪافي خوشحال هئي. وٽن جهجهو اَناج هو ۽ رڌڻ-پچائڻ لاءِ پڪا ٿانو وغيره هئا.

سَرِ جان مارشل جي کوج مطابق سونا زيور، ڳچيءَ جا هار، منڊيون، ڪنن جا ڳهه وغيره مليا هئا؛ جن مان ثابتي ملي ته زالن کي هار-سينگار جو گهڻو چاهه هو. زيب ۽ زينت سان، ڪافي دلڪش لڳنديون هيون.

موئن جي دڙي مان هٿيارن جا قسم پڻ مليا هُئا. ڀالا، ڪهاڙين جا ڦرَ، ڪُنڍي دار تيرَ ۽ ڇُرا؛ جي ڌاتن مان تيار ڪيل هئا. اِهي ڪنهن به جنگ لاءِ ڪونه ٺاهيا ويا هئا، پر پنهنجي بچاوَ ۽ شڪار وغيره لاءِ ڪم آڻيندا هئا. پٿرن، ڪاٺ، عاج، هڏن، سِپين ۽ بين ڌاتن مان ڪلاتمڪ چيزون تيار ڪندا هئا؛ جن مان ظاهر آهي ته سنگتراشي ۽ چترڪلا جي به ڄاڻ هُئن.

سندن گذران ڳانءِ جي گوشت، سوئرن جي ماس، ڪُمين، ڪڇوُئن، بيدن، ڪٽڪ، جَوَ وغيره تي هو.

ڪِنِ دِلن ۾ سانڊيل هڏن مان معلوم ٿيو ته اُن وقت جي ماڻهن جون شڪليون ۽ قدبت ڪهڙي قسم جو ٿي سگهي ٿو. ڪي ڪَلِشَ بہ ملیا هئا جن ۾ سڙيل پراڻين جي رَکَ به ملي هئي.

آسيس سان سندن گود سائي ٿي ته سنت ڪوتارام کين
ڪيو: ”هي ٻالڪ توهان جي خاندان جو نالو روشن ڪندو.“
سنت ٻالڪ جو نالو رکيو ڪنور (ڪنول گل).

ڪنور جيئن ڪجهه وڏڙو ٿيو ته ٻين ٻالڪن جيان
چلولو، ضدي ۽ هٺيلو ڪونه هو. پر سياڻ ايتروُ منو هئس جو
سيني کي موهي ڇڏيندو هو ۽ رلي مِلي ويندو هو.

سنتن کي تعليم جي ضرورت ڪونه پوندي آهي.
سوامي رامڪرشن به تعليم ڪونه ورتي هئي. پر ڪنور کي
شروع ۾ سنڌيءَ ۾، اُن بعد فارسيءَ ۽ گرمکيءَ ۾ سکيا
ياري ويئي.

ڪنور جي پتا صاحب کي کيتي هئي. پاڻ ئي نارِ
هلائيندو هو، جهارَ هڪليندو هو. ڪنور پتا کي اِن ڪم ۾
مدد ڪندو هو ته کيتيءَ مان جهجهو اَناج پئدا ٿيندو هو.

ڪنور جڏهن اَٺن-نون سالن جو ٿيو ته سندس ماتا
کيس ڪوهر رڌي ڏيندي هئي؛ جن جو ٿالهه ڀري، مٿي
ي کڻي ڪنور بازار ۾ وڪڻندو هو. وڪڻڻ وقت منڙي
واز ۾ گيت به ڳائيندو هو ته ڪوهر جلد وڪامي ويندا
ئس ۽ جن مان کين ٽي رپيا ڪمائي ٿيندي هئي.

ڪنور اَجا ڪجهه وڏو ٿيو ته کيس ماءُ-پيءُ سنت
ترامداس وٽ سکڻ لاءِ ڇڏي آيا. سائين سترامداس وٽ
ڪنور کي نه صرف گيتا جو گيان حاصل ٿيو پر گرو گرنٿ

نوٽ : هيٺ ڏنل مضمون کي هم لوڳ سرڪل، سنڌونگر پاران ٻيون نمبر اِنعام مليل آهي. اِنجو مختصر روپ ڳلابي ڳلڙا ۾ شايع ڪيو ويو آهي، جيئن شاگردن کي مضمون لکڻ جي ڏانوَ لاءِ اُتساهه ملي. - سمپادڪ

مضمون چٽاڀيٽي : (اِنعام ٻيون)

ڀڳت ڪنوررام

مونيڪا پرڪاش لال آهوجا (درجو ڏهون)
(شري گنگارام سنڌ نئشنل هاءِ اِسڪول، سنڌونگر)

ڀارت ڀومي آهي مهان،
آهه جهجهو سنتن جو شانُ !

ڀارت جي پُڻيه ڀوميءَ تي سنتن جي ڪَمي ڪونهِ آهي. سنتن پنهنجي اُپديشن ۽ رهڻي-ڪرڻي مَان عام جي جيون ۾ سڌارو آندو ۽ آڏين پيا. اُنهن مان سنڌ-ڀوميءَ جو سنت ڀڳت ڪنوررام پڻ آهي؛ جنهن کي سنڌي جاتي ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي. سندس ديهانت کي ٦٦ ورهيہ ٿي چڪا آهن پر سندس منڙي ۽ مڌر آواز سان پريل رڪارڊ ٻُڌي آنند اَچي ٿو. سنت اَمر آهن؛ جن کي موت ماري نٿو سگهي.

سنت ڪنوررام جي ماتا جو نالو تيرٿ-ٻائي ۽ پتا جو نالو تاراچند هو، جي ٻئي ڌرمي خيالن جا هئا. ڪين ڪيترن سالن کان اؤلاد ڪونہ ٿي پر سنت ڪوتارام جي ديا

نوٽ : ڪماري مونيڪا ۽ ڪماري نِڪيتا ٻنهي جي مضمون جي وشيہ ساڳي آهي. اِنڪري جيڪو مواد ڪماري مونيڪا ۾ ڏنل آهي، اُهو ساڳيو مواد، ڏهراءِ نہ ٿئي ان خيال کان ڪماري نِڪيتا جي مضمون مان ڪٽيو ويو آهي. لڳي ٿو ٻنهي ٻارن مضمون جو مواد، ڪنهن ساڳئي ڪتاب تان کنيون آهي. نِڪيتا جيڪي وڏيڪ ۽ نوان مثال ڏنا آهن، تن کي گلابي گلڙا ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ٻنهي ٻارن جي ٻولي ۽ لکڻ جو انداز پنهنجو پنهنجو آهي، اُن کي ئي وڏيڪ اهميت آهي. - سمپادڪ

مضمون چٽاڀيٽي : (اِنعام ٽيون)

ڀڳت ڪنوررام

نِڪيتا مهيش لال ماکيجا (درجو ڏهون)
(شري گنگارام سنڌ نئشنل هاءِ اِسڪول، سنڌونگر)

شرومڻي ڀڳت ڪنوررام جو جنم وڪرم سنبت ١٩٤٢ (سنہ ١٨٨٥) ۾ ٿيو هو.

جڏهن هو وڏو ٿيو تہ حيات پتافيءَ جي درٻار جي مکيہ شيواڌاريءَ ڀائي هاسارام کان گائنِ وديا ۽ گرمکي سکيو.

سنت ڪنوررام کي سائين سترامداس جهڙو پهتل گرو نصيب ٿيو. لوهہ کي پارس لڳڻ سان لوهہ بہ سونو ٿي پوندو آهي. گروءَ جي ديا سان هو سنڌي هندن جو شرومڻي بڻجي پيو.

صاحب جي ٻاٽيءَ جو اَپياس ٻہ ٿيو تہ دربار ۾ سيوا جو بہ موقعو مليو. سنت سترامداس ڀڳت هو ۽ ڀڳتيءَ سان عام کي ريجهائڻ لاءِ کنور کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. کنور جي گلي ۾ جڻ سرسوتيءَ جو واسو هو. گيت ٻڌندي ماڻهو گدگد ٿيندا هئا ۽ کيس ڀڳت کنوررام سڏڻ لڳا.

کنور جو سڀاءُ بلڪل نماڻو ۽ نهٺو هو. سادگيءَ جي ساڪيات مورت هو. دربار ۾ آئي وئي جي خوب ٽهل ڪندو هو. سنت سترامداس راضي ٿي کيس گرو منتر ڏيئي ڇڏيو.

ڀڳت کنوررام جڏهين اَرڙهن سالن جو ٿيو تہ گروءَ جي آگيا سان منگهرملاڻين جي ڳوٺ ۾، سيٺ تنومل جي ڌيءَ سان سندس شادي ڪرائي ويئي.

ڀڳتي-ڀاوَ جا ڪيئي گيت، منڙي مڌر ۽ تمام اوُچي ۽ موهيندڙ آواز ۾ ڪئسيٽُنِ ۾ ڀريل آهن؛ جن کي ٻُڌي روح کي راحت ملندي آهي؛ جن مان خاص ڪري :

(١) نالي اَلک جي ٻيڙو تار منهنجو !

(٢) ڪيئن ريجهايان، ڪيئن پرچايان؟ تہ مشهور آهن.

ڀڳت وجهڻ وقت، سندس گيتن ٻُڌڻ لاءِ هندو، مسلم ۽ ٻيا سڀي-سڀي رات حاضر رهندا هئا. کنوررام جي دل ۾ فرقيپرستيءَ جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. ڀڳت وقت سندس جهول ۾ جيڪي پئسا ۽ سوکڙيون ملنديون هيون اُهي غريبن ۽ گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. ××××××

هو. پر ماڻهو نفرت وچان، ڪانئس پاسو ڪرڻ لڳا. پر پڳت
ڪنوررام ڪيس قرب وچان ڀاڪر پاتو ته ماڻهن کي عجب
لڳو. پر سچا سنت جات-پات جي ڀيد ڀاو نه ڄاڻن، ڪين
ڀي تو سچو صدق ۽ سنيهه!

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڌاڙيل، ڌاڙو هڻڻ آيا. مکيءَ پڳت
ڪنوررام کي وينتي ڪري ڳالهه ڪئي. ڌاڙيل آيا ته پڳت
ڪنوررام پريم سان سندن آجيان ڪيئي. ڪارايو-پيئاريو ۽
ڳنڙا گيت ٻڌائي ريجهائڻ بعد چيو: ”هاڻ توهان جنهن
ڪم لاءِ آيا آهيو سو ڀل پورو ڪيو!“

پر ڌاڙيلن کي پڳت ڪنور جي مهمان نوازيءَ تي
ايڏو عجب لڳو ۽ سندس قدمن تي ڪري پيا ۽ معافي وٺي
پس هليا ويا ۽ جروار جو ڳوٺ ڌاڙيلن کان بچي ويو.

اِتهاس ڪارن جو چوڻ آهي ته ڪنهن نؤجوان، پيرَ
ي پُٽ جي بي-عزتي ڪئي. اِنڪري هندن کان بدلو
ڻ لاءِ هن پڳت ڪنوررام کي مارڻ لاءِ پنهنجا ڪجهه
ريد موڪليا هئا: جن رُڪ اِسٽيشن تي پڳت ڪنوررام کي
ولي هڻي ماري ڇڏيو.

پهرين نومبر ١٩٣٩ع تي ساري سنڌ ۾ ماتم ڇانئجي
و ۽ هرڪو هنجون هارڻ لڳو. ان تي شيوڪ هاسارام پمناڻي
ردار آواز اُٿاريو ته ڏوهين کي پڪڙي سزا ڏني وڃي. پر
اسارام پمناڻيءَ کي پڻ گولي هڻي ماريو ويو هو.

شهادت جو جام جن پيتو، سدائين سي زنده آهن،
يتي پي جيت آ تن جي، هتي پي جيت تا پائن.

ڀڳت ڪنوررام جي شاديءَ منگھر ملاڻين جي زميندار اوتومل جي نياڻيءَ سان ٿي. گھر - گرھستي ھوندي بہ ھو لولن، لنگڙن، انڌن - منڊن، اپاھجن، مسڪينن ۽ محتاجن جي ڏاڍي شيوا ڪندو ھو.

ھڪ دفعي جي ڳالھہ آھي تہ ڀڳت ڪنوررام شھداد- ڪوٽ ۾ ڀڳت وڌي ۽ جڏھن ختم ٿي تہ ھڪ فقير پڪار ڪري چيو : ”ڀڳت ! منھنجي خالي جھولي ڀر. ٻچا بک کان پاھہ پيا ٿين !“ تہ ڀڳت ڪنوررام، جھوليءَ مان ٻُڪ ڀري، فقير جي جھوليءَ ۾ وڌو ! فقير ڏٺو تہ اُھي سڀ چانديءَ جا سڪا ھئا ۽ دعائون ڪرڻ لڳو تہ ڪيس ڏسي ھڪ ٻئي فقير بہ سوال ڪيو : ”ڀڳت ! منھنجي بہ جھولي ڀر !“

ڀڳت ڪنوررام، پنھنجي جھوليءَ مان مُٺِ ڀري فَقير جي جھوليءَ ۾ وڌي. فقير ڏٺو تہ اُھي سڀ ٽامي جا سڪا ھئا. سو غصي ۾ ڀرجي اُھي سڪا ڀڳت ڪنوررام جي منھن تي ھنيان ۽ ڪيس گھٽِ وَڌِ ڳالھائڻ لڳو.

ڀڳت ڪنوررام کي چوٽ لڳي ۽ سندس پريمين کي غصو لڳو. پر ڪنوررام فقير کي چيو : ”ادا ! ڏيڻ وارو بہ الله تہ وٺڻ وارو بہ الله !! باقي ماريئہ مون مسڪين کي !“ ايترو چئي ڪنوررام جھوليءَ مان ٻيو ٻُڪ ڀري فقير کي ڏنو تہ فقير ڏاڍو لڄي ٿي ويو. اِھا ئي آھي سچي ڀڳت جي نشاني، جو لڳي سان بہ چڱو ورتاءُ ڪري.

ھڪ ٻئي دفعي ڀڳت ڪنوررام ڪنھن ھڪ ڳوٺ ۾ ڀڳت وجھڻ ويو تہ ھڪ ڍيڍ ذات جو، صِدِق وچان ڀڳت ٻُڌڻ

Girish Puhuja

Tel. : 3218313
Mob. : 9822 / 36356000

Room Decor

رُوم ڊيڪور

(Designer Lights)

ڪمرن جو سينگار

Opp. Tilson Shopping Centre,
Kalyan-Ambernath Road,
SINHDUNAGAR-421 003.

هڪ ڀيري هڪ عورت مئل ٻار کي ڪڇ ۾ کڻي اچي ڀڳت ڪنوررام کي لولي ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي.

ڀڳت ڪنوررام ته ڄاڻي ڄاڻهار هئا. هن دل ئي دل ۾ پنهنجي گرو سترامداس کي ياد ڪيو ۽ ايشور در ٻاڏايو ته سندس لاڄ رکي وڃي ته سندس وينتي ايشور قبول ڪئي. لولي ڏيڻ سان ئي ٻالڪ روئڻ شروع ڪيو ۽ زنده ٿي پيو. عؤرت کي به عجب لڳو ۽ معافي وٺندي چيائين : ”سائين ! مون پاپڻ کي معاف ڪيو. مان ته مئل ٻار کي لولي ڏيڻ لاءِ کڻي آئي هئس !“

ڀڳت ڪنوررام ايترو ته نماڻي سڀاوَ جو هو جو ڪو ڪيس پيرين پوندو هو ته پهرين پاڻ سِرُ جهڪائيندا هئا ۽ ڀڳت وجهڻ مهل به پهريائين ويٺلن اَڳيان سِرُ جهڪائيندا هئا. هو واعدي جا به ڏاڍا پڪا هوندا هئا.

آهڙي ڀڳت ڪنوررام کي به مذهب جي ڪٽرپنٿين بندوق جي گولي هڻي ماري ڇڏيو ۽ هو شهيد ٿي ويو. ڀڳت ڪنوررام سريرڪ طور اَسان وٽ ڪونه آهن پر ڪڏهن به وسرڻ جا ناهن ۽ آهڙي سنت تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي.



گلابِ



گلشن

(پُشپ - ۱۲)